ويو ۽ هو نهايت خوبصورت انسان ٿئي لڳو. هڪدم ٽوپلو مٿي تان لاهي هٿ ۾ جهلي اڳيان اچي چيائين ، " فرمايو ڪو خاڪ ڪم ؟ " بلڪل هاٺي تون اهو ٽوپلو مٿي تي پلي پاءِ ۽ وڃي پاٺيءَ جي تلاش ڪر. ڪٿي نہ ڪٿي هن باغ جو مالهي ويٺو هوندءِ ۽ پڻ آفيس بہ ڪٿي ضرور هوندي.

" او ڪي ! دادي فڪر نہ ڪريو مان پاٺيءَ بنا نہ موٽندس."

مون رڙ ڪري چيو، " ائين نہ ! تون واپس ضرور موٽندين. "" ليڪن ان کان اڳ هو وڏا وڏا قدم کڻي اڳيان هليو ويو.

اسين پاڻ ۾ انهيءَ گوبند جي چرچا ڪري رهيا هئاسين، تہ هن ۾ ڪيترو نہ ڦيرو اچي ويو آهي. هو تہ لڪل لعل آهي. هن لاءِ ڪا بہ ڳالهہ ناممڪن ڪين آهي.

اٽڪل اڌ ڪلاڪ اندر ڏسون تہ پريان گوبند پاٺيءَ جو وڏو مٽڪو ٻنهي هٿن ۾ جهلي وڏندو پيو اچي. يڪدم بہ ڇوڪرا ڪيس مدد ڪرڻ لاءَ اڳتي ڊوڙيا. ليڪن هن پاڻ مٽڪو کڻي اچي منهنجي اڳيان رکيو ۽ ڪوٽ جي کيسن مان بہ گلاس ڪڍي ورتائين. سڀ شاگرد ڪيس واه واه ڪري ورائي ويا. هُن نمرتا سان چيو تہ مان آفيس ۾ وڃي مئنيجر سان ڳڏجي ڪيس وينتي ڪري پاٺي وٺي آيس.


بس مونکي تہ اهڙي خوشي ٿي جو مون ڇڪي کڻي گوبند کي ڀاڪر پاتو! ايتري ۾ ڇوڪرا ڪيس هنج ۾ کڻي واه گوبند واه گوبند ! چئي ڦيرا پائڻ لڳا. منهنجون اکيون آليون ٿي ويون ۽ چيم :

" منهنجو تجربو ڪامياب ويو. "

سوال

(1) هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.

(i) اسڪول جي مئٽرڪ ڪلاس جي پڪنڪ جي چاڻ : (1)





Scanned by CamScanner

(iii) ٽرين

(iv) گھنٽي

(د) جپان جي ٽرين جي ڄاڻ ڏيو. (2)

سوال 1 (ث) هيٺين مان ڪنهن به هڪ سوال جو جواب اٽڪل 50-40 لفظن ۾ لکو: (4)

(1) ڪاش سبق ۾ ليکڪ منوهر چگهه ٻاهرين ڏيک ويک تي نه وڃڻ جي سکيا ڇو ڏني آهي؟

(2) ليکڪا جي مائٽ سان ڪيسينو ۾ ٿيل واقعو بيان ڪريو.

## SECTION-B
## POETRY- نظم

سوال 2 بيت جون سٽون پڙهي عملي ڪم ڪريو: [16] (8)

(الف)

اسان جا ڪي ٻيا هئا، جن سان هُئا نينهن
اوسيئڙا ئي اُنهن جا، تا رهن راتيان ڏينهن
اڪين سندا مينهن، مند نه ڏسن مهل ڪا!

مُند نه ڏسن مهل ڪا، اندر جون آهون،
ملڪ موٽي وڃڻ جون، بند ٿيون راهون،
سي دليون ڪن داهون، وطن ويو جن هٿان!

وطن ويو جن هٿان، ناهي تن آرام،
ڪڏهن وسري ڪين ڪي، ڪنهن کان پنهنجو گام،
نديون هت به جام، پر سنڌوءَ ۾ ڪوساه ٿن!


سنڌوءَ ۾ ڪوساه ٿن، سنڌو پائيئين ماءُ،
پنهنجا نيٺ به پنهنجا، ڌارين کھڙو ساءُ
اهڙو لڳو واءُ، هڪڙا هِتِ ٻيا هُتِ ٿيا!



Scanned by CamScanner

هڪڙا هِتِ ٻيا هُت، سنڌي ٿيا ٻيئي،
پر هڪڙا سنڌي ڏيهي، ٻيا ٿيا پرڏيهي،
ماڻهو هِڪڙا ئي، پر رهن راڄن ٻن ۾!

(1) خاڪو پورو ڪريو: (2)




(2) هيٺين لفظن جا ساڳي معني' وارا لفظ لکو: (2)

(1). نينهن —
(2) وطن —
(3) گامُ —
(4) اوسيئڙو —

(3) هيٺيان جوڙا ملايو: (2)

| الف | ب |
|---|---|
| 1. مند نہ ڏسن محل ڪا | 1. بند ٿيون راهون |
| 2. ملڪ موٽي وڃڻ جون | 2. اندر جون آهون. |
| 3. سنڌوءَ ۾ ڪوساهہ ٿن | 3. هڪڙا هِتِ ٻيا هُت ٿيا. |
| 4. آهڙو لڳو واءُ | 4. سنڌو پانئين ماءُ |

(4) بيت جو سارُ لکو : (2)

سوال 2 (ب) بيت جون سٽون پڙهي عملي ڪم ڪريو: (8)

عجائب عقل، سالڪ ڏنو سک سان
سمجهي روح راضي ٿيو، ڇڏي هنگامو هل،




Scanned by CamScanner

چڙهي نور محل ۾، ڪيائين حق حاصل،
وحدت ۾ واصل، پرچي ٿيو پريم سان.

جن کي جاني ياد، آءُ ياد ڪريان نت تن کي،
’سامي‘ مليا سپرين، پرچي تنهن پرساد،
تن من آرپيان پاو سان، چڏي واد وواد،
اِها آد جڳاد، واٽ ٻٽي ويساه جي.

سدائين نرمل ساڌو جن سنسار ۾
ليپ نہ لڳي تن کي، جيئن جل رهن ڪنول
اندر سم سيتل، ٻاهر تتا تاو جان.

سوال (الف) ساڳئي اکر سان شروع ٿيندڙ لفظن جا جوڙا بيت مان ڳولهي لکو، هيٺيان چؤڪندا پورا ڪريو: (2)




(ب) اڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گول پايو: (2)

(1). ويساه، وشواس، ڀروسو، آتما

(2). نرمل، سيتل، پوتر، صاف

(3). واٽ، راھ، پاو، رستو

(4). برسات، آب، جل، پاڻي.

(س) هڪ سٽ ۾ جواب لکو: (2)

(i). عجائب عقل ڪنهن ڏنو آهي ؟

(ii). سنسار ۾ سدائين نرمل ڪير رهن ٿا ؟

(د) هيٺين سٽن جي معاني' پنهنجي لفظن ۾ سمجهايو: (2)

(i) عجائب عقل، سالڪ ڏنو سڪ سان
سمجهي روح راضي ٿيو، چڏي هنگامو هل.



Scanned by CamScanner

## SECTION- C

## Rapid Readers - هلڪواڀياس

سوال 3 هيٺيون ٽڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو: [6]


ورهاڱو ٿيو تہ پرسو بہ ٻين سان ڪراچي ڇڏي ويو. ڪيڏاهن ويو، ڪير ڄاڻي ! سالن ڪان پوءِ هانگ ڪانگ ۾ مليو پر کهڙيءَ نہ هب سان مليو ! انجام موجب مان وٽس ويس. ڪئڊلڪ ايئر ڪنڊيشن ڪار ۾ مونکي وٺڻ آيو. هن جي گهر ۾ گهڙيس تہ حيران ٿي ويس، ڊرائنگ روم هئي يا هوٽل جو هال ! بيٺڪ تہ بينظير هئي پر هن جي بار بہ ڇا ٺهيل هئي ! سڄو گهر ڊيڪاريائين. اميرجو گهر هو. ڇا تہ ڪمرن جي سجاوٽ هئي ! فرنيچر ۽ پردن تي ئي الائي ڪيترو خرچ ٿيو هوندس. ڪمرا رنڌڻو، باٿ رومس، لائونج، لان سڀ ڏيکاريائين. چيائين "ٻئي دفعي مون وٽ اچي رهجو." هن جو اوج ڏسي اچرج ۾ پئجي ويس. خوشي بہ حد ٿي. مون چيو "ڀڳوان تنهنجا ڀنڊارا ڀريندو رهندو!" وڏي پريم مان چيائين "مالڪ جون مهرون کهڙيون مڃان ! ڏئي ڇڏيو اٿس پر سچي ڳالهہ اها آهي تہ منهنجي جيون ۾ توهين نہ اچو ها تہ مان هن پدويءَ تي ڪونہ پهچان ها." مون هن جي ڇپن تي هٿ رکي چيو "ڪوئي اِنسان ڪسي اِنسان ڪو ڪيا ديتا هئہ ! آدمي ايڪ بهانا هئہ خدا ديتا هئہ" سڪ مان چيائين "مئٽرڪ پاس نہ ڪيان ها تہ نوڪري نہ ملي ها، نوڪري نہ ملي ها تہ سيٺين سان سڃاڻپ نہ ٿئي ها، سڃاڻپ نہ ٿئي ها تہ سندن پيار هٿ نہ ڪري سگهان ها، پيار هٿ نہ ڪري سگهان ها تہ ساڻن نڪري نہ اچي سگهان ها ۽ بمبئيءَ ۾ اچي ڀٽڪان ها! انهن سيٺين جي معرفت واقفيت ٿي هانگ ڪانگ جي سنڌ ورڪي فرم سان . فرم ۾ مئنيجر ٿي ويس. پوءِ ڊئريڪٽر ٿيس. آزمودو پرائي انهن جي آسيس سان پنهنجو ڪم شروع ڪيم. جنهن ڳالهہ ۾ هٿ وجهان تنهن ۾ برڪت، گهر ڏٺو اٿوَ آفس بہ ڏسو. هيءُ سڀ توهان جي ڏه روپيہ ماهيانو جو پرتاب آهي. توهان مون ۾ اُتساه آندو، توهان مون کي ودياجو دان ڏنو. گهڻو ڪو نہ پڙهيس پر ايشور ڪريا ڪري نالائق کي لائق بڻائي ڇڏيو آ" مون کيس روڪي چيو "



Scanned by CamScanner

هر طرح لائق آهين. ڏات نہ آهي ذات تي جو وهي سو لهي." چيائين ،
چونڪيءَ ۾ ڪلام پڙهايو. هاڻي مان ٿو توهان کان پڇان : ڪهڙي ڪريان
مهماني يار اڱڻ منهنجي آيو!"

1. هيٺيون خاڪو پورو ڪريو. (2)




2. چوڪنڊي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو: (2)

| |
|---|
| نوڪري، پندارا ، اوج |
| پدوي، بي نظير، اَچرج |

(1) بينڪ تہ ........... هئي ، پرهن جي بار بہ ڇا ٿهيل هئي.

(2) هن جو............ ڏسي اَچرج ۾ پئجي ويس.

(3) پکوان تنهنجا ......... پريندو رهندو.

(4) مئٽرڪ پاس نہ ڪيان ها تہ ........ نہ ملي ها.

3. "ڏات ناهي ذات تي جو وهي سو لهي" جو مطلب سمجهايو. (2)

## SECTION-D

## Grammar - وياڪرڻ

سوال 4 گرامر [10]

سوال 4 هيٺين مان ڪن بہ ٻن جا ضد لکو: (2)

(الف) (1) بنگلو ×



Scanned by CamScanner

(2) دعا

(3) سيٽ ×

(4) ڳوٺ

(ب) هيٺين مان ڪن بہ ٻن جون صفتون ٺاهيو. (2)

(1) سمنڊ

(2) جوش

(3) سونهن

(4) وهم

(س) هيٺين مان ڪن بہ ٻن جا جنس بدلايو: (2)

(1) باندر

(2) شرميلو

(3) نانو

(4) گهوٽ

(د) هيٺين مان ڪن بہ ٻن اصطلاحن جي معني' لکي جملي ۾ ڪم آڻيو: (2)

(1) محڪم آواز ۾ چوڻ.

(2) اکيون جهڪائڻ

(3) نڪ ۾ ناڪولي وجهڻ.

(4) هيانءَ جهل ٿيڻ.

(ڊ) هيٺين مان ڪي بہ ٻ زمان مثال ڏيئي سمجهايو: (2)

(1) زمان ماضي

(2) زمان مستقبل

(3) زمان حال استمراري

(4) زمان ماضي استمراري

## SECTION-E

### Writing Skill - لکڻ جو هنر

سوال 5 پاڙي ۾ چورين کي روڪڻ لاءِ پوليس کاتي جي واسطيدار عملدار کي (6) [28]

(الف) درخواست ڪريو.



Scanned by CamScanner

يا

ماءُ کي خط لکي موڪليل رقم جي پڇا ڳاڇا ڪريو.

(ب) هيٺين مان ڪنهن به هڪ وشيه تي اٽڪل 150 لفظن ۾ پنهنجا ويچار لکو: (10)

(1) اڄي ويو ڪامپيوٽر جو زمانو.

(2) درخت جي آتم ڪٿا.

(3) جيڪڏهن مان ليکڪ هجان هان!

(4) اُهو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني.

يا

ڏنل جملي سان شروعات ڪري آکاڻي پوري ڪريو :

منجهند جو وقت هو. مان گهر ۾ اڪيلو پڙهي رهيو هوس ، دروازي تي گهنٽي وڳي.

(س) هيٺ ڏنل اڻ لاڳاپي وارا لفظ اِستعمال ڪري آکاڻي ٺاهيو: (6)

برسات، يادگيري

ڪمُ آفيس

يا

گفتگو لکو (ڪا به هڪ) :

(1) بئنڪ مئنيجر ۽ کاتيدار

(2) پاڇيون وٺندي اڳهُ ڪرڻ بابت.

(د) هيٺيون ٽڪر پڙهي عملي ڪم ڪريو: (6)

منهنجا ڀارت لاءِ ٽي نظريا يا درشٽيڪوڻ آهن. اُسانجي 3000 (ٽي هزار) سال پراڻي اِتهاس ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪيترا ماڻهون ڀارت آيا آهن ۽ اُنهن ڀارت کي لٽيو آهي.

هڪ دفعي مان ( ڊاڪٽر عبدل ڪلام) حيدرآباد ۾ تقرير ڪري رهيو هوس. هڪ چوڏهن سالن جي ٻالڪا مونکان آٽوگراف وٺڻ تي چاهيو. مون هُن کان پڇيو ته هُن جو زندگيءَ ۾ ڪهڙو مقصد آهي ؟ هن جواب ڏنو. " مان ترقي ڪيل ڀارت ۾ رهڻ تي چاهيان " هُن جي لاءِ توهان کي ۽ مونکي ترقي ڪيل ڀارت ٺاهڻو آهي. توهان کي وچن ڏيڻو آهي ته ڀارت کي واڌارو ڪندڙ نه



Scanned by CamScanner

، پر ترقي ڪيل ديش جي روپ ۾ وڏائڻو آهي. ڇا توهان کي پنهنجي ديش لاءِ ڏهه منٽ آهن ؟ جي ها ، ته هي پڙهو - توهين چئو ٿا ته اسانجي سرڪار نڪمي آهي، توهين چئو ٿا ته اسانجا قاعدا قانون پُراڻا آهن. توهين چئو ٿا ته ميونسپالٽي ڪچرو صاف نه ٿي ڪري ، توهين چئو ٿا ته فون ڪم ڪون ٿا ڪن. ريلوي هڪ مذاق آهي، اسانجو هوائي سفر پوري دنيا ۾ سڀ. کان خراب آهي، اسانجون چنيون وقت تي نٿيون پهچن، چئو ٿا ۽ چئو ٿا. توهين ڇا ٿا ڪريو اِن لاءِ ؟

سوال :

سوال (الف) (1) تڪر ۾ ڪم آندل اَنگريزي لفظ ڳولهي لکو. (1)


(2) هڪ دفعي ڊاڪٽر عبدل ڪلام ڪٿي تقرير ڪئي ؟ (1)

(ب) هيٺين لفظن جا ساڳي معني' وارا لفظ تڪر مان ڳولهي لکو: (2)

(i) پاڻ =

(ii) نڪمي =

(س) هيٺيون خاڪو پورو ڪريو. (2)




◆◆◆



Scanned by CamScanner

**विद्यार्थियुनि लाइ हिदायतूं**

हिदायत मूजिबु नसरू, नज़्म ऐं ग्रामर में मिलियल शिकलियुनि (Web design) में, जरूरत अनुसार जवाब शिकलियुनि में ही लिखणु जरूरी आहे।

सभिनी शिकलियुनि (Web design) लाइ पेन ही इस्तमाल करणी आहे.

''लिखण जो हुनर'' (Section-E Writing Skill) में शिकलियुनि कढण जी जरूरत न आहे।

साफ़-सुथिरो ऐं सुठो लिखणु जरूरी आहे।

## SECTION-A

### Prose – नसरु

सु : १. (अ) हेठियों टुकरु पढ़ी अमली कमु करियो : (८)[२०]

हिक दफे स्कूल जे मैट्रिक क्लास खे पिकनिक ते वठी वयासीं. ३०-३५ विद्यार्थी ऐं ४ अध्यापक गडि॒जी वयासीं. खड़की में बोटानीकल बाग़ जो सैरु करण. घुमी फिरी उथियासीं त चपो चूरो करण खां अगु सख्तु उञ महिसूसि थी. पए हेडा॒हुं-हेडा॒हुं निहारण लगा॒सीं. के छोकरियूं पाणीअ जी तलाश में अगि॒ते हलण लगि॒यूं पर पाणीअ जो पिनो नदारदु, अखियूं मथे खणी जींअं साम्हूं निहारियुमि त डि॒ठुमि गोबिंदु टोपले समेति परियां बाग़ जी ज॒णु चकास करे रहियों हो. मूं यकदमु खेसि सडे॒ चयो, ''गोबिंद! इन्हीअ कोट सूट ऐं टोपले सां त तूं ज॒णु प्रोफ़ेसरु पयो लगीं'' गोबिंद खां ख़ुलियो टहिकु निकिरी वयो ऐं हू निहायत खूबसूरत इन्सानु थे लगो॒. हिकदमु टोपलो मथे तां लाहे हथ में झले अगि॒यां अची चयाईं, ''फरिमायो को खासि कमु?'' बिल्कुल हाणे तूं इहो टोपलो मथे ते भली पाइ ऐं वञी पाणीअ जी तलाश करि. किथे न किथे हिन बाग़ जो माल्ही वेठो हूंदो ऐं पिण ऑफीस बि किथे ज़रूर हूंदी.

''ओ. के. दादी फ़िक्रु न करियो मां पाणीअ बिना न मोटंदुसि.''



Scanned by CamScanner

मूं रड़ि करे चयो, ''इएं न! तूं वापसि ज़रूर मोटन्दें.'' लेकिन इन खां अगु॒ हू वडा॒ वडा॒ कदम खणी अगि॒यां हलियो वयो.

असीं पाण में इन्हीअ गोबिंद जी चर्चा करे रहिया हुआसीं, त हुन में केतिरो न फेरो अची वयो आहे. हू त लिकलु लालु आहे. हुन लाइ का बि ग॒ल्हि नामुम्किन कीन आहे.''


अटिकल अध कलाक अंदरि डि॒सूं त परियां गोबिंदु पाणीअ जो वडो॒ मटको बि॒न्ही हथनि में झले वधन्दो पयो अचे. यकदमु ब॒ छोकरा खेसि मदद करण लाइ अगि॒ते डोड़िया. लेकिन हुन पाण मटको खणी अची मुंहिंजे अगि॒यां रखियो ऐं कोट जे खीसे मां ब॒ गिलास कढी वरताई. सभु शागिर्द खेसि वाह वाह करे वराए वया. हुन निम्रता सां चयो त मां ऑफीस में वञी मॅनेजर सां गडि॒जी खेसि वेनिती करे पाणी वठी आयुसि.

बस मूंखे त अहिड़ी खुशी थी जो मूं छिके खणी गोबिंद खे भाकुरु पातो! एतिरे में छोकरा खेसि हंज में खणी वाह गोबिंद! वाह गोबिंद! चई फेरा पाइण लगा॒. मुंहिंजूं अखियूं आलियूं थी वयूं, ऐं चयुमिः


मुंहिंजो तजुर्बो काम्याबु वयो.

सु. (१) हेठियों खाको पूरो करियो। (२)

(i) स्कूल जे मैट्रिक क्लास जे पिकनिक जी जा॒ण.



(ii) गोबिंद बाबति मास्तरनि जी चर्चा :



(२) टुकरू मां हेठि डि॒नल लफ़्ज़नि जा ज़िद गो॒ल्हियो : (२)

(i) परियां ×

(ii) मुम्किन ×



Scanned by CamScanner

(iii) ज़ाहिरु ×

(iv) नंढा ×

(३) हेठियां जुमिला कंहिं कंहिंखे चया आहिनि. (२)

(i) ''ओ. के. दादी फ़िक्र न करियो मां पाणीअ बिना न मोटंदुसि.''

(ii) ''गोबिंद इन्हीअ कोट सूट ऐं टोपले सां त तूं जणु प्रोफेसरू पयो लगीं''

(४) लेखिका पंहिंजे तजुर्बे में कींअ काम्याबु वेई, पंहिंजनि लफ़्ज़नि में लिखो : (२)

**सु. १(ब)** हेठियों टुकरु पढ़ी अमिली कमु पूरो करियो : (८)

हिरोश्मा तां सुबुह जो १०:५० बजे Iwakuni लाइ ट्रेन हुई, जंहिं में असां खे चढ़णो हुओ। असीं हिक हंधि अलग़ अलग़ लाईन में बीठल माण्हुनि पुठियां बीही रहियासीं। ट्रेन मुक़ररु वक्त खां हिकु मिन्टु अग़ु ई पहुची वेई ऐं असीं चढ़ी अंदरि थियासीं। उहा ट्रेन, लोकल एक्सप्रेस जियां हुई; जिते हिक बिए पुठियां सोफ़ा लगल हुआ हुआ, जे आमु तौर लोकल ट्रेन में साईड खां हूंदा आहिन। हर हंधि अलग़ अलग़ हिक हिक सीट ई ख़ाली हुई, सो मामिया कोन वेठो पर आउं भर वारी हिक सीट ते वेही रहियुसि। ट्रेन बराबर १०:५० ते निकिती ऐं योकोगावा, शिन हिरोश्मा, शिन अनूकुची, शिन इत्सूकाइची, हात्सोकाइची, मायूची कशीदो ऐ अजीना ते बीहंदे तक़रीबन अध कलाक जो सफ़रु करण खां पोइ ११:१७ ते 'मियाजीमागूची' (Miyajimaguchi) पहुती। रस्ते ते हिरोश्मा जी पसगिर्दाईअ में रहंदड़ माण्हू, उन्हनि जा नंढा नंढा घर, घरनि खे विरहाईंदड़ नंढियूं नंढियूं ऐं सुहुणियूं घिटियूं, घरनि जे थोरो परियां हिक बिए पुठियां ऊचा ऊचा सर सब्जु ऐं शादाबु पहाड़ माहोल खे डाढी ताज़गी डींदे पुर कशिश बणाए रहिया हुआ।


असीं 'Miyajimaguchi' स्टेशन ते लही टिकेट पंच करे बाहर निकिरी आयासीं। स्टेशन बाहिरां कंहिं जपानी नंढे शहर जो नज़ारो हुओ। मल्टी स्टोरी इमारतुनि ऐं शापिंग सेन्टर बदिरां बंगलो नुमा नंढा नंढा घर ऐं बाज़ारूं हुयूं। असीं बाहर निकिरंदे ई रस्ते ते लगायल इन्फ़ार्मेशनि इंडीकेटर मूजिब



Scanned by CamScanner

'Miyajima' फ़ेरी बोट सर्विस जो तीरु ड॒सिंदे हलंदा रहियासीं। रोड ऐं बाज़ारूं ज॒णु सुन्सानु लग॒यूं पयूं हुयूं। मौसम बि कुझु झुड़ियाली हुई, जंहिं सबब घुमंदे लुत्फ़ु पए आयो। अञा थोरोई पंधु मस कयोसीं त 'मियाजीमा' फ़ेरी बोट सर्विस वटि पहुची वयासीं। जिते ओलह तरफ़ि त यको ई समुंडु हुओ, ऐं उन जे पुठियां दूर खां मियाजी बे॒ट 'Miyaji Island' जा ऊचा ऊचा पहाड़ ऐं उतां जी ख़ूबसूरत चुहचु सावक ऐं सबज़ी नज़र अची रही हुई।

**सु. १ (अलफ)** चौंकंडा पूरा करियो. (२)




**(ब)** हेठियनि सुवालनि जा जवाब लिखो : (२)

(i) ११.१७ ते ट्रेन किथे पहुती?

(ii) टुकर में ड॒िनल जपान जे स्टेशनुनि जा नाला लिखो:

**(स)** अदद बदिलायो : (२)

(i) बाज़ार —

(ii) माण्हू —

(iii) ट्रेन —

(iv) घिंटी —

**(द)** जपान जे ट्रेन जी ज॒ाण लिखो : (२)

**सु. १ (स)** हेठियनि मां कंहिं बि हिक सुवाल जो जवाब आटिकल ४०-५० लफ़्ज़नि में लिखो : **(४)**

(१) "काश" सबक में लेखक मनोहर चुघु ब॒ाहिरें ड॒ेख वेख ते न वञण जी सिख्या छो ड॒िनी आहे?

(२) लेखिका जे माइट सां केसीनो में थियल वाकओ बयान करियो?



Scanned by CamScanner

## SECTION-B

### Poetry – नज़्मु

सु : २. (अ) बैत जूं सिटूं पढ़ी अमिली कमु करियो : (८) [१६]

असां जा के बि॒या हुआ, जनि सां हुआ नींहं
ओसीअड़ा ई उन्हनि जा, था रहनि रातयां ड॒ींहं
अखियुनि संदा मींहं मुंद न डि॒सनि महल का!


मुंद न डि॒सनि महल का, अंदर जूं आहूं
मुल्क मोटी वञण जूं, बंदि थियूं राहूं
से दिलियूं कनि दांहूं, वतनु वयो जनि हथां!

वतनु वयो जनि हथां, नाहे तनि आरामु
कड॒हिं विसरे कीन की कंहिं खां पंहिंजो गामु
नदियूं हित बि जामु, पर सिंधूअ में को साहु थनि!

सिंधूअ में को साहु थनि, सिंधू भांइनि माउ
पंहिंजा नेठि बि पंहिंजा, धारयनि कहिड़ो साउ
अहिड़ो लगो॒ वाउ, हिकड़ा हित बि॒या हुति थिया!

हिकड़ा हित बि॒या हुति, सिंधी थिया बे॒ई
पर हिकड़ा सिंधी डेही, बि॒या थिया परडे॒ही
माण्हू हिकड़ा ई पर रहनि राज॒नि बि॒न में!

(१) खाको पूरो करियो : (२)






Scanned by CamScanner

(२) हेठियनि लफ़्ज़नि जा साॻी माना वारा लफ़्ज़ लिखो : (२)

(i) नींह —

(ii) वतन —

(iii) गामु —

(iv) ओसीअड़ो —

(३) हेठियां जोड़ा मिलायो : (२)

| (अ) | (ब) |
|---|---|
| (१) मुंद न ॾिसनि महल का | (१) बंद थियूं राहूं |
| (२) मुल्क़ मोटी वञण जूं | (२) अंदर जूं आहूं |
| (३) सिंधूअ में को साहु थनि | (३) हिकड़ा हित बिया हुति थिया |
| (४) अहिड़ो लगो वाउ | (४) सिंधू भांइनि माउ |

(४) बैत जो सारु लिखो : (२)

**सु. २ (ब)** बैत जूं सिटूं पढ़ी अमिली कमु करियो : (८)

अजाइबु अकुलु, सालिक ॾिनो सिक सां,
समिझी रुह राज़ी थियो, छडे हंगामो हुलु,
चढ़ी नूर महल में, कयाईं हक़ु हासुलु,
वहदत में वासुलु, पर्ची थियो प्रेम सां!

जन खे ज़ानी याद, आउं याद करियां नित तनि खे,
'सामी' मिलया सुपरीं, पर्ची तंहिं प्रसादु,
तनु मनु अर्पियां भाव सां, छडे वादु विवादु,
इहा आदि जुगादि, वाट बणी बेसाह जी!

सदाईं निर्मल साधू जन संसार में,
लेपु न लगे तनि खे, जीअं जलि रहनि कंवल,
अंदरि समु सीतलु, ॿाहर तता ताव जां!



Scanned by CamScanner

सु : (अलफ) सागेई अखर सां शुरू थीदंड़ लफ़्ज़नि जा जोड़ा बैत मां गोल्हे लिखो, हेठियां चौकंडा पूरा करियो : (२)

| अजाइबु-अकुलु | | | | |
|---|---|---|---|---|

(ब) अण ठहकंदड़ लफ़्ज़ मथां गोल पायो : (२)

(i) वेसाहु, विश्वासु, भरोसा, आत्मा

(ii) निर्मल, सीतल, पवित्र, साफु

(iii) वाट, राह, भाव, रस्तो

(iv) बरसात, आबु, जल, पाणी

(स) हिक सिट में जवाबु लिखो : (२)

(i) अजाइबु अकुलु कंहिं डिनो आहे?

(ii) संसार में सदाईं निर्मल केरु रहनि था?

(द) हेठियनि सिटुनि जी माना पंहिंजनि लफ़्ज़नि में समुझायो : (२)

(i) अजाइबु अकुलु, सालिक डिनो सिक सां, समिझी रूह राज़ी थियो, छडे हंगामो कुलु.

## SECTION-C

### Rapid Readers – हल्को अभ्यासु

सु : ३. हेठियों टुकरु पढ़ी अमिली. कमु पूरो करियो : [६]


विरिहाङो थियो त बियनि सां पर्सो बि कराची छडे वयो. केडांहं वयो, केरु ज़ाणे! सालनि खां पोइ हाँगकाँग में मिल्यो पर कहिड़ीअ न हुब सां मिल्यो! अंजाम मोजिबु मां वटसि वयुसि. कैडिलिक एअरिकंडीशनि कारि में मूंखे वठण आयो. संदसि घर में घिड़ियुसि त हैरान थी वयुसि ड्राइंग रूम हुई या होटेल जो हालु! बैठक त बेनज़ीरु हुई पर हुन जी बार बि छा ठहियल हुई! सजो घरु डेखारियाईं. अमीर जो घरु हो. छा त कमरनि जी सजावट हुई! फर्नीचर ऐं पर्दनि ते ई अलाए केतिरो ख़र्चु थियो हूंदुसि. कमरा, रंधिणो, बाथ रूमस, लाऊंज, लॉन; सभु डेखारियाईं. चयाईं "बिए दफे



Scanned by CamScanner

मूं वटि अची रहिजो." हुन जो औजु डि॒सी अचरज में पइजी वयुसि. ख़ुशी बि हद थी. मूं चयो "भगु॒वानु तुंहिंजा भंडारा भरींदो रहंदो." वडे॒ प्रेम मां चयाईं "मालिक जू महरूं कहिड़ियूं मञां! ढए छडि॒यो अथसि पर सची गा॒ल्हि त हहा आहे त मुंहिंजे जीवनि में तव्हीं न अचो हा त मां हिन पदवीअ ते कोन पहुचां हा. मूं हुन जे चपनि ते हथु रखी चयो" "कोई इन्सान किसी इन्सान को क्या देता है? आदमी एक बहाना है ख़ुदा देता है!" सिक मां चयाईं "मैट्रिक पास न कयां हा त नौकरी न मिले हा, नौकरी न मिले हा त सेठियुनि सां सुञाणप न थिए हा. सुञाणप न थिए हा त संदनि प्यारु हथि न करे सघां हा. प्यारु हथि न करे सघां हा त साणनि निकरी न अची सघां हा ऐं बम्बईअ में भिटकां हा. उन्हनि सेठियुनि जे मारिफत वाक़िफियत थी हांगकांग जे सिंधु वर्की फर्म सां. फर्म में मैनेजरु थी वयुसि. पोइ डइरेक्टर थियुसि. आज़मूदो पिराए उन्हनि जे आसीस सां पंहिंजो कमु शरू कयुमि. जंहिं गा॒ल्हि में हथु विझां तंहिं में बर्कत. घरु डि॒ठो अथव, अफीस बि डि॒सो. हीउ सभु तव्हांजे ड॒हनि रुपियनि महियानो जो प्रताबु आहे. तव्हां मूं में उत्साहु आंदो, तव्हां मूंखे विद्या जो दानु डि॒नो. घणो कोन पढ़ियुसि पर ईश्वर कृपा करे नालाइक खे लाइकु बणाए छडि॒युव." मूं खेसि रोके चयो "हरि तरह लाइक़ु आहीं. डा॒ति न आहे ज़ाति ते जो वहे सो लहे." चयाईं "चौंकीअ में कलामु बुधायुव. हाणे मों थो तव्हां खां पुछां; कहिड़ी करियां महिमानी यारु अङणि मुंहिंजे आयो."

(१) हेठियों खाको पूरो करियो : (२)






Scanned by CamScanner

(२) चौकंडे में डिं॒नल लफ़्ज़नि मां मुनासिब लफ़्ज़ चूंडे ख़ाल भरियो : (२)

| |
|---|
| नौकरी, भंडारा, औजु |
| बेनज़ीर, पदवी, |
| अचरज |

(i) बैठक त ------- हुई पर हुन जी बार बी छा ठहियल हुई.

(ii) हुन जो ------- डि॒सी अचरज में पइजी वयुसि.

(iii) भग॒वान तुहिंजा ------- भरींदो रहंदो

(iv) मैट्रिक पास न कयां हा त ------- न मिले हा.

(३) ''डा॒ति नाहे जाति ते जो वहे सो लहे'' जो मतलबु समुझायो. (२)

## SECTION-D

### Grammar – व्याकरण

सु : ४. (अ) हेठियनि मां किनि बि बि॒नि जा ज़िद लिखो : (२) [१०]

(१) बंगलो ×

(२) दुआ ×

(३) सेठ ×

(४) गो॒ठु ×

(ब) हेठियनि मां किनि बि बि॒नि जूं सुफतूं ठाहियो : (२)

(१) समुंड

(२) जोश

(३) सूंहं

(४) वहमु

(स) हेठियनि मां किनि बि बि॒नि जा जिन्स बदिलायो: (२)

(१) बांदरु

(२) शर्मीलो

(३) नानो

(४) घोटु



Scanned by CamScanner

(द) हेठियनि मां किनि बि ब॒िनि इस्तलाहनि जी माना लिखी जुमिले में कमु आणियो : (२)

(१) मुहिकम आवाज में चवणु

(२) अखियूं झुकाइणु

(३) नक में नाकोली विझणु

(४) हियांअ झल थियण

(ड) हेठियनि मां के बि ब॒ ज़मान मिसाल डेई समुझायो : (२)

(१) ज़मान माज़ी

(२) ज़मान मुस्तकिबिलु

(३) ज़मानु हालु इस्तमुरारी

(४) ज़मानु माज़ी इस्तमुरारी

## SECTION-E

### Writing Skill – लिखण जो हुनुरु

सु : ५. (अ) पाड़े में चोरियुनि खे रोकण लाइ पोलिस खाते जे वास्तेदार अमलदार खे दरख़्वास्त करियो. (६) [ २८ ]

या

माउ खे खतु लिखी, मोकिलियल रकम जी पुछा ग॒ाछा करियो.

(ब) हेठियनि मां कंहिं बि हिक विषय ते अटिकल १५० लफ़्ज़नि में पहिंजा विचार लिखो. (१०)

(१) अची वियो काम्प्यूटर जो ज़मानो

(२) दरख़्त जी आत्मकथा

(३) जेकड॒हिं मां लेखक हुजा हां?

(४) उहो सोन ई घोरियो, जो कन छिने

या

ड॒िनल जुमिले सां शुरूआत करे आखाणी पूरी करियो.

मंझदि जो वक्तु हो, मां घर में अकेले पढ़ी रहियो होसि, दरवाज़े ते घिंटी वग॒ी.



Scanned by CamScanner

(सं) हेठि ड॒िनल अण लाग॒ापे वारा लफ़्ज़ इस्तमाल करे आखाणी ठाहियो. (६)

बरसात, यादगिरी,
कमु, आफ़ीस

**या**

गुफ़्तगू लिखो (का बि हिक)

(१) बैंक मैनेजर ऐं खातेदार

(२) भाजि॒यूं वठंदे अघु करण बाबति

(ड) हेठियों टुकरु पढ़ी अमिली कमु करियो : (६)

मुंहिंजा भारत लाइ टे नज़रिया या दृष्टिकोण आहिनि. ३००० साल पुराणे इतिहास में दुनिया जे कुंड कुड़िछ मां केतिरा माण्हूं भारत आया आहिनि ऐं उन्हनि भारत लुटियो आहे।

हिक दफे मां (डॉ. अब्दुल कलाम) हैद्राबाद में तक़रीर करे रहियो होसि, हिक चोड॒हनि सालनि जी बा॒लिका मूंखां ऑटोग्राफ वठणु थे चाहियो, मूं हुन खां पुछियो त हुन जो ज़िंदगीअ में कहिड़ो मक़सदु आहे? हुन जवाबु डि॒नो, "मां तरकी कयल भारत में रहणु थी चाहियां।" हुन जे लाइ तव्हां खे ऐं मूंखे तरकी कयल भारत ठाहिणो आहे। तव्हां खे वचनु डि॒यणो आहे त भारत खे वाधारो कंदड़ न, पर तरकी कयल देश जे रूप में वधाइणो आहे. छा तव्हां खे पंहिंजे देश लाइ ड॒ह मिनट आहिनी? जे हा, त ही पढ़ो. तव्हीं चओ था त असांजी सरिकार निकमी आहे. तव्हीं चओ था त असांजा काइदा कानून पुराणा आहिनि. तत्वहीं चओ था त म्यूंसिपालटी कचिरो साफु न थी करे. तव्हीं चओ था त फोन कमु कोन था कनि. रेल्वे हिकु मज़ाक आहे। असांजो हवाई सफ़र पूरी दुनिया में सभ खां खराबु आहे. असाजूं चिठियूं वक्त ते नथियूं पहुचनि. तव्हीं चओ था, चओ था ऐं चओ था. तव्हीं छा था करियो, इन लाइ?

**सुवाल :**

(अ) (१) टुकर में कम आंदल अंग्रेजी लफ़्ज़ गो॒ल्हे लिखो : (१)

(२) हिक दफे डॉ. अब्दुल कलाम किये तक़रीर कई? (१)




Scanned by CamScanner

(ब) हेठियनि लफ़्ज़नि जा साग़ी माना वारा लफ़्ज़ टुकर मां गोल्हे लिखो (२)

(i) भाषण —

(ii) निकमी —

(स) हेठियो खाको पूरो करियो : (२)




◆◆◆




Scanned by CamScanner